# فيضانِ حضرت

# عبداللہ بن زُبير رضی اللہ عنہما

سنڌي



پيشڪش:

مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامی)

ترجمو:

ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامی)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَ الله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله پاڪ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**

رسالي جو نالو: فيضانِ حضرت عبد الله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنۡهُمَا

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي

**مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي**

**ڪتاب خريدڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ حضرت عبد اللّٰه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

## فهرست

فيضانِ حضرت عبد اللّٰه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا ........ 1
درود شريف جي فضيلت ........ 1
ڀڄريون مهاجر ٻار ........ 1
مان خود نالو رکندس ........ 2
ناني جي نالي تي نالو ۽ ڪنيت ........ 2
عالي شان گهراڻو ........ 3
اهلبيتِ اطهار جي زباني شانِ حضرت عبداللّٰه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا ........ 3
ماسي جي ڀاڻيجي جي نالي سان ڪنيت ........ 4
نماز ۾ دلجمعي اختيار ڪرڻ ........ 5
منجنيق پٿر وسائيندي هئي پر نماز ۾ فرق نه پوندو هو ........ 6
جيئن ڪا ڪاٺي هجي ........ 6
بي مثال سخي، نمازي ........ 7
خُشوع جي تعريف ........ 7
نماز ۾ ”خشوع“ مستحب آهي ........ 7
رزق ۾ برڪت ۽ غم پري ڪرڻ جو بهترين وظيفو ........ 8
مسجد جو ڪبوتر ........ 8
آستانۂ عرش ۾ بار بار حاضري ........ 9
زُلفون سجايو ........ 10
ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ واريون جنّ عورتون ........ 11

هو شينهن آهن ........ 13
100 زبانن ۾ گفتگو ........ 13
حج جو خطبو ........ 13
ڪعبي شريف تي ريشمي غلاف ........ 14
تَرندي طواف مڪمل ڪيو ........ 15
حديثِ پاڪ جي روايت ........ 15
حديث پاڪ بيان ڪندي خوف ........ 16
شهادت جو واقعو ........ 17
صابره ۽ شاڪره ماءُ ........ 18

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

# فيضان حضرت عبد اللّٰه بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمَا

## درود شريف جي فضيلت

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم: اللّٰه پاڪ جي خاطر پاڻ ۾ محبت رکڻ وارا جڏهن پاڻ ۾ ملن ۽ هٿ ملائن ۽ نبي (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم) تي درود پاڪ موڪلن ته انهن جي جدا ٿيڻ کان پهرين ٻنهي جا اڳيان پويان گناهه بخشيا ويندا آهن. (مسند ابو يعلى، 95/3، حديث: 2951)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پهريون مهاجر ٻار

اللّٰه پاڪ جي رحمت وارا پيارا پيارا آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن مڪي کان هجرت ڪري مديني شريف تشريف ڪٺي آيا ته شوال المڪرم جي بهار واري مهيني ۾ صحابهٴ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡھُمۡ وٽ مقامِ قبا ۾ هڪ پياري ٻار جي ولادت ٿي، ٻار جي والدهٴ محترم بارگاهه رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿي پنهنجي چند جهڙي شهزادي کي حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ هنج ۾ ڏنو، اللّٰه پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪارڪ گهرائي ان کي وات مبارڪ ۾ چٻاڙي اُن ٻار جي وات ۾ وجهي ڇڏي، ايئن ان خوشنصيب ٻار جي پيٽ ۾ سڀ کان پهرين جيڪا غذا وئي اها ٻنهي جهانن جي سردار مڪي مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو مبارڪ لعاب (ٿُڪ) شريف ۽ ڪارڪ هئي، پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ان تي پنهنجو هٿ مبارڪ گهمايو ۽ ٻار لاءِ دعاءِ برڪت فرمائي، هي خوشنصيب ٻار مديني پاڪ ۾ مسلمانن ۾ پيدا ٿيڻ وارو پهريون ٻار هيو جنهن جي پيدائش

تي صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ کي ڏاڍي خوشي ٿي ڇو تہ يھودي چوندا ھيا تہ اسان مسلمانن تي جادو ڪري ڇڏيو آھي، انھن وٽ اولاد نہ ٿيندو، ھڪ ٻي روايت ۾ آھي تہ جڏھن مھاجر صحابہ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ مديني تشريف ڪٺي اچي ھتي رھڻ لڳا ۽ انھن وٽ اولاد نہ ٿي تہ يھودين چيو: اسان انھن تي جادو ڪري ڇڏيو آھي ايسيتائين جو ماڻھن ۾ ڳالھ مشھور ٿي وئي تہ سڀ کان پھرين حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا جي ولادت ٿي سندس جي ڄمڻ تي صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْہُمْ ايتري زور سان نعرہءِ تڪبير لڳايو جو پورو مدينو الله اڪبر جي نعري سان گونجھي ويو، الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللہُ عَنْہُ (جيڪي انھيءَ ٻار جا نانا بہ ھيا) کي حڪم ارشاد فرمايو ان جي ڪن ۾ آذان ڏيو ۽ پوءِ پاڻ سڳورن انھيءَ سعادت مند ٻار جو نالو عبدالله رکيو. (زرقاني علي المواھب 356/2، سير اعلام النبلا 461/4، مستدرڪ علي الصحيحين 709/4، حديث: 6386)

## مان خود نالو رکندس

ترمذي شريف ۾ آھي: حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حضرت زبير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي گھر ۾ چراغ ڏٺو تہ حضرت بي بي عائشہ رَضِیَ اللہُ عَنْہَا کي ارشاد فرمايو: لڳي ٿو اسماء (رَضِیَ اللہُ عَنْہَا) جي گھر ولادت ٿي آھي، سو توھان ان جو نالو نہ رکجو مان پاڻ ان جو نالو رکندس، پوءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان جو نالو عبدالله رکيو ۽ پنھنجي مبارڪ ھٿن سان سُتي ڏني. (ترمذي 449/5، حديث: 3852)

## ناني جي نالي تي نالوءِ ڪنيت

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: منھنجو نالو عبدالله ۽ ڪنيت ابوبڪر منھنجي ناني سائين جي نالي ۽ ڪنيت تي

رکي وئي، جيتوڻيڪ سندن هڪ ڪنيت ابوخُبَيّب بہ آهي. (مستدرڪ علي الصحيحين، 709/4، حديث: 6385) سندن والدِ محترم حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ڪين فرمايو: سڀ کان وڌيڪ توهان حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي مشابہ (يعني ان سان ملندڙ جلندڙ) آهيو. (الاصابه 81/4)

## عالي شان گهراڻو

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي عظمت ۽ شان جي ڇا ڳالهہ ڪجي سندن خاندان وڏو عاليشان آهي، سندن والد محترم انهن ڏهن خوشنصيب اصحاب سڳورن مان هڪ آهن جن کي مصطفيٰ جان رحمت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ زبان سان دنيا ۾ ئي جنت جي خوشخبري عطا ٿي هئي يعني پاڻ عَشَرہءِ مُبَشَّرہ مان آهن، سندن امڙ سائڻ بہ وڏي شان واريون آهن ڇو تہ مسلمانن جي پهرين خليفي حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي شهزادي ۽ مسلمانن جي امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا جي ڀيڻ حضرت بي بي اسماء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا آهن.

## اهلبيتِ اطهار جي زباني شانِ حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا

هڪ ڀيري حضرت عبدالله بن عباس رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا وٽ حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جو ذڪرِ خير ٿيو تہ پاڻ فرمايائون ” حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا اسلام ۾ پاڪيزه زندگي جا مالڪ ۽ قرآنِ ڪريم جا قاري آهن، سندن والد حضرت زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، امڙ حضرت اسماء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا، نانا سائين اميرالمومنين حضرت ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْهُ، ڦڦي سائڻ حضرت بي بي خديجہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا، ڏاڏي حضرت بي بي صَفِيَّہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا ۽ ماسي سائڻ اُمُّ المومنين حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا آهن. الله

ربُّ العزت جي انهن سيني تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي مغفرت ٿي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِیّین صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ماسي جي ڀاڻيجي جي نالي سان ڪنيت

مسلمانن جي پياري پياري امڙ سائڻ حضرت بي بي عائشه صديقه طيّبه طاهره عابده عفِيفه رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جي ڪنيت "اُمِّ عبدالله" آهي انهيءَ جو سبب هي آهي ته پاڻ سرڪارِ دوعالم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم کي ڪنيت رکڻ جي درخواست ڪيائون پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: پنهنجي ڀاڻيجي (يعني حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا) سان پنهنجي ڪنيت رکو، هڪ ٻي روايت ۾ آهي پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہَا جڏهن پنهنجي ڀيڻ جي ننڍڙي شهزادي حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کي وٺي بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيون ته نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ان جي وات ۾ پنهنجو لُعاب (ٿُڪ) مبارڪ وجهي ڪري فرمايائون: هي عبدالله آهي ۽ توهان اُمِّ عبدالله رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا. (مدارج النبوت، 468/2)

اي عاشقان رسول! هِنن روايتن کان علاوه ٻيون مبارڪ حديثون به آهن جن مان معلوم ٿئي ٿو ته صحابهٔ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمۡ پنهنجي نومولود (يعني پيدائشي) ٻارن کي سڀ کان پهريان بارگاهِ رسالت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ۾ برڪت حاصل ڪرڻ جي لاءِ کڻي ايندا هئا گُهٽي (سُنِّي) ڏياريندا ۽ دعاءِ برڪت جي درخواست ڪندا هئا ڇو ته جڏهن الله جي پياري پياري آخري نبي مکي مدني محمدِ عربي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي مبارڪ نظر پئجي ويندي ته ٻار جا سُتل ڀاڳ جاڳي پوندا ۽ رحمتِ

خداوندي لهندي هئي، ڪاش! غمخوار ۽ غمگسار آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم اسان غلامن تي بہ پنهنجي نظرِ عنايت فرمائن، اسان جي سُتل قسمت بہ جاڳائن، اسان جي ويران دلين تي بہ هڪ ڪرم واري نگاهہ فرمائن تہ دل مان گناهن جي سموري ڪاراڻ ختم ٿي وڃي ۽ دل عشقِ نبي سان نورٌ عليٰ نور ٿي وڃي، ان شاءَ الله الڪريم

شهنشاهِ سخن مولانا حسن رضا خان حسن رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ عرض ڪن ٿا:

تمہاری ایک نگاہِ کرم میں سب کچھ ہے　　پڑے ہوئے تو سرِ راہ گزار ہم بھی ہیں
نگاہِ لطف کے اُمیدوار ہم بھی ہیں　　لئے ہوئے یہ دلِ بے قرار ہم بھی ہیں

(ذوق نعت، ص 188)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## نماز ۾ دلجمعي اختيار ڪرڻ

صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا تمام گهٽي نوڙت ۽ عاجزي سان نماز پڙهندا هئا، هڪ ڀيري پاڻ نماز پڙهي رهيا هئا تہ ويجهوئي سندن پيارو ننڍڙو ٻار موجود هيو اوچتو ڇت تان هڪ نانگ ٻار جي ويجهو ڪري پيو ۽ ماڻهن "نانگ نانگ" ڪري شور مچايو ۽ آخرڪار هن کي ماري ڇڏيائون. ايترو سڀ ڪجهہ ٿيڻ کان پوءِ بہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ انهيءَ طرح نماز ۾ مصروف رهيا. (سير اعلام النبلاء 464/4 )

سبحان اللّٰہ! نماز ۾ ايتري قدر خشوع ۽ خضوع سندن جو ئي خاصو آهي، پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جڏهن سجدي ۾ ويندا هئا تہ ايترو سجدو ڊگهو ڪندا هئا جو جهرڪيون سندن پٺي مبارڪ کي ٿُنل ديوار سمجهي سندس پٺيءَ مٿان ويهي رهنديون هيون. (موسوعه ابن ابي الدنيا، 341/1 حديث: 467)

## منجنيق پٿر وسائيندي هئي پر نماز ۾ فرق نہ پوندو هو

حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه حضرت ابن ابو مُلَيّڪ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه کي فرمايو تہ: مون کي حضرت عبد اللّٰہ بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا جون خوبيون بيان ڪيو تہ پاڻ فرمايائون تہ خدا جو قسم! مون اهڙو ڪو بہ جسم نہ ڏٺو جهڙو حضرت عبد اللّٰہ بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا جو جسم هو، هڪ ڏينهن نماز لاءِ بيٺا تہ منجنيق (جيڪو توف وانگر هڪ اوزار هوندو هو جنهن سان وڏا وڏا پٿر اڇلايا ويندا هئا) مان اڇلايل پٿر سندس ڏاڙهي ۽ سيني جي وچان گذريو، خدا جو قسم انهن جي اکين ۾ ڪوبہ خوف نہ هيو ايستائين جو سندن قرأت ۾ بہ ڪو فرق نہ آيو ۽ نہ ئي رڪوع ۾ ڪو فرق آيو جهڙي طرح هو رڪوع ڪندا هئا. (دين و دنيا کی انوکھی باتيں، 499/1)

## جيئن ڪا ڪاٺي هجي

حضرت عبداللّٰہ بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا نماز ۾ بيهندا ها تہ ايئن لڳندو هو جيئن ڪا ڪاٺي هجي ۽ (سندن جي انهيءَ انداز کي ڏسي ڪري) چيو ويندو هو تہ نماز ۾ خشوع ايئن هوندو آهي. (سنن کبریٰ 398/2 حديث 3522)

حضرت عمرو بن دينار رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه فرمائن ٿا: صحابي ابن صحابي حضرت عبداللّٰہ بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا کان وڌيڪ سٺي انداز ۾ نماز پڙهندي مون ڪنهن کي ناهي ڏٺو ۽ حضرتِ عطا رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْه کان روايت آهي تہ جڏهن حضرت عبداللّٰہ بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنْھُمَا نماز پڙهندا ها تہ ايئن لڳندو هو تہ اها ايريل ڪا شيءِ آهي جيڪا حرڪت نٿي ڪري.

(صفة الصفوة 388/1، مصنف عبدالرزاق 172/2، حديث: 3312)

## بي مثال سخي، نمازي

حضرت اِبن اَبي مُلَيْڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا ته حضرت عمر بن عبد العزيز رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه مون کي فرمايو : ”توهان جي دل ۾ حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي ايتري وڏيڪ محبت جو سبب ڪهڙو آهي؟“ مون عرض ڪيو: جيڪڏهن توهان انهن کي ڏسي ونو ها ته انهن وانگر الله پاڪ کان مناجات ڪرڻ وارو، انهن وانگر نماز پڙهڻ وارو، الله پاڪ جي ذات جي باري ۾ ايتري قدر مضبوط ۽ انهن کان وڌيڪ سخي ڪنهن کي نه لهو ها. (مستدرڪ علي الصحيحين، 711/4، حديث: 6392)

## خُشوع جي تعريف

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! نماز ۾ الله پاڪ جي عظمت سامهون هجي، دنيا کان توجهه هٽيل هجي، نماز ۾ دل لڳل هجي ۽ سڪون سان بيٺو رهي، هيڏي هوڏي نه ڏسي، پنهنجي جسم ۽ ڪپڙن سان نه ڪيڏي ۽ ڪو اجايو ۽ بيڪار ڪم نه ڪري. اهو نماز جو خشوع آهي. (تفسير ڪبير 256/8 ماخوذاً، مدارڪ ص751، صاوي 1356/4)

## نماز ۾ ”خشوع“ مستحب آهي

علامه بَدْرُ الدِّين عيني رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نماز ۾ خشوع مستحب آهي. (عمدة القاري، تحت الحديث 741) منهنجا آقا اعليٰ حضرت امامِ اهلسنت مولانا شاهه احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: نماز جو ڪمال نماز جو نور، نماز جي خوبي فهم ۽ تدبر ۽ حضورِ قلب (دل حاضر هجڻ يعني خشوع) تي آهي. (فتاويٰ رضويه 205/6) مطلب هي ته اعليٰ درجي جي نماز اها آهي جيڪا خشوع سان ادا ڪئي وڃي.

## رزق ۾ برڪت ۽ غم پري ڪرڻ جو بهترين وظيفو

حضرت امام برهان الدين ابراهيم زَرنوجي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: نماز کي خشوع ۽ خضوع سان ادا ڪرڻ ۽ علمِ دين حاصل ڪرڻ ۾ لڳو رهڻ فڪر ۽ غم کي پري ڪري ڇڏي ٿو ۽ روزي ۾ برڪت جو مضبوط ذريعو هي آهي ته انسان نماز کي خشوع ۽ خضوع، تعديلِ ارڪان (يعني نماز جا رڪن آهستي آهستي ادا ڪرڻ) جو لحاظ ڪندي ۽ تمام واجبن ۽ سنتن ۽ آدابن جي پوري طرح رعايت ڪندي ادا ڪري. (راه علم، ص 87-92)

هر عبادت سے برتَر عبادت نَماز — ساری دولت سے بڑھ کر ہے دولت نَماز
قلبِ غمگیں کا سامانِ فَرحت نَماز — ہے مریضوں کو پیغامِ صحّت نَماز

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## مسجد جو ڪبوتر

جنّتي ابنِ جنّتي، صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا جي عبادت جي به ڇا ڳالهه ڪجي، پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ راتن کي ٽن حصن ۾ ورهائي ڇڏيو هو، هڪ رات بيهي ڪري عبادت ڪندا ها ايسيتائين جو صبح ٿي ويندو هو، هڪ رات رڪوع ۾ گذاري ڇڏيندا ها، ايستائين جو صبح فجر جو وقت ٿي ويندو هو جڏهن ته هڪ رات سجدي جي حالت ۾ ايئن گذاريندا ها جو صبح ٿي ويندو هو. (أسد الغابه، 245/3) ڪنهن سندن جي امڙ سائڻ حضرت بي بي اسماء رَضِيَ اللهُ عَنْهَا کان سندن متعلق پڇيو ته انهن فرمايو: منهنجي پُٽ جون اڪثر راتيون قيام (يعني عبادت) ۾ جڏهن ته ڏينهن روزي ۾ ڪٽنبا ها انهيءَ ڪري سندن

كي حَمامُ المَسّجد (يعني مسجد جو ڪبوتر) چيو وڃڻ لڳو. (حلية الاولياء، 411/1، رقم: 1183)

اي عاشقانِ صحابہ و اهلبيت! ڪاش! صحابي رسول حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جي عبادتن ۽ نماز ۾ خشوع و خضوع جو اسان کي بہ ڪو ذرّو نصيب ٿي وڃي، اَفسوس! اسان جي عبادت ۾ دل لڳي ٿي نہ تلاوت ۾، بس جيئن تيئن نماز پڙهي ۽ واپس اچي وياسين، اسان کي نماز ۾ ڪيئن خشوع و خضوع ملي جو اسان جي تہ ڪاروبار جو حساب ڪتاب ۽ ٻين مصروفيتن جو شيڊيول بہ نماز ۾ ٺهي رهيو هوندو آهي، يقيناً نماز پڙهڻ کان پهريان نماز جي تياري ڪرڻي پوندي، جيترو ٿي سگهي ذهن کي دنياوي خيالات کان پاڪ ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي، الله پاڪ اسان کي دل لڳائي ڪري پنهنجي عبادت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ پنهنجي عبادت جي لذّت عطا فرمائي.

میں ساتھ جماعت کے پڑھوں ساری نَمازیں — اللہ! عبادت میں مرے دل کو لگا دے
پڑھتا رہوں کثرت سے دُرُود اُن پہ سَدا میں — اور ذِکْر کا بھی شوق پئے غوث ورضا دے
(وسائل بخشش، ص 114)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## آستانۂ عرش ۾ بار بار حاضري

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا حضور اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري زندگي مبارڪ جا 8 سال چار مهينا گزاريا انهيءَ دوران پاڻ بارگاهِ رسالت صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ حاضر ٿيندا رهندا هئا ڇو تہ پاڻ (هڪ طرح سان) حضور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي آل پاڪ مان هئا تنهنڪري پاڻ پنهنجي ماسي سائڻ حضرت بي بي عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهَا جي گهر ۾ تمام گهڻو

ايندا رهندا ها. مسلمانن جي ماءُ حضرت بي بي عائشه رَضِیَ اللهُ عَنْهَا حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان پوءِ پنهنجي والدِ محترم حضرت ابوبکر صديق رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ۽ انهن کان پوءِ حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان وڌيڪ کنهن سان محبت نہ فرمائيندڙيون هيون. (سير اعلام النبلا، 4/460-465)

پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ نهايت فصيح ۽ بليغ هئا، انهيءَ کري سندن جو شمار قُريش قبيلي جي نامور خطيبن ۾ ٿيندو هو (تاريخ ابن عساکر 179/28) پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جو آواز مبارڪ گرجدار ۽ بلند هو ايستائين جو پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جڏهن خطبو ارشاد فرمائيندا هئا ۽ آواز جبلن سان ٽڪرائي موٽندو هو تہ ايئن معلوم ٿيندو هو تہ جبل هڪ ٻئي سان گفتگو ڪري رهيا آهن، پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ ڏاڙهي ۾ ڦڪو خضاب لڳائيندا ها، جڏهن تہ زُلفون کنن کان لڙڪي ڪنڌ کي ڇُهَڻ لڳي ويندڙيون هيون.
(سير اعلام النبلا، 4/465)

## زُلفون سجايو

پياري نبي جا پيارا ديوانؤ! توهان ڄاڻو؟ صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا زُلفون سجائي رکيون هيون ڇو تہ زُلفون سجائڻ اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نهايت پياري سنّت آهي، اسان جي پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون مبارڪ زُلفون ڪڏهن اڌ ڪن مبارڪ تائين، تہ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو (پاپڙي) تائين، ۽ ڪڏهن وڌي ويندڙيون هيون تہ ڪُلهن مبارڪ کي چمنديون هيون، اسان کي گهرجي تہ مختلف موقعن جي مناسبت سان ٽئي سنّتون ادا ڪيون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين ڪڏهن پوري ڪن تائين تہ ڪڏهن ڪُلهن تائين زلفون رکون، ڪلهن کي ڇُهَڻ جي حد تائين زلفون وڌائڻ واري سنّت جي ادائيگي عموماً نفس تي تمام ڳوري محسوس ٿيندي آهي پر

زندگي ۾ هڪ اڌ پيرو ته هي سنت ادا ڪرڻ گهرجي، بهرحال هي خيال رکڻ ضروري آهي ته وار ڪلهن کان هيٺ نه هجڻ گهرجن، پاڻي سان چڱي طرح پُسي وڃڻ کان پوءِ زلفن جي ديگهه خوب نمايان ٿي ويندي آهي لهٰذا جن ڏينهن ۾ وڌايو انهن ڏينهن ۾ غسل کان پوءِ ڪنگو ڪري غور سان ڏسي وٺندا ڪريو ته وار ڪٿي ڪلهي کان هيٺ ته نٿا وڃن، فلمي اداڪارن جو نقل ڪرڻ بدران اسان کي الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري سنّتن تي عمل ڪرڻ گهرجي ڇو ته سنّت ۾ ئي عظمت ۽ نجات آهي.

سُنّتوں سے بھائی رشتہ جوڑ تُو نِت نئے فیشن سے منہ کو موڑ تُو

(وسائل بخشش، ص 715)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيبِ! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪعبي شريف جو طواف ڪرڻ واريون جنّ عورتون

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا فرمائن ٿا ته مان هڪ رات حرم شريف ۾ داخل ٿيس ته ڏٺو ڪجهه عورتون بيت الله شريف جو طواف ڪري رهيون آهن، انهن مون کي تعجب ۽ حيراني ۾ وجهي ڇڏيو (ڇو ته هو عام عورتن وانگر نه هيون) جڏهن اهي عورتون طواف کان فارغ ٿيون ته ٻاهر نڪري ويون. مون دل ۾ چيو مان انهن عورتن جي پويان وڃان ته جيئن انهن جا گهر ڏسان. هو هلنديون رهيون ايسيتائين جو هڪ تمام سوڙهي وادي ۾ پهتيون پوءِ انهيءَ وادي تي چڙهي ويون مان به انهن جي پويان پويان انهيءَ تي چڙهي ويس پوءِ اهي اُن تان هيٺ لٿيون ته مان به هيٺ لٿس، پوءِ هو هڪ ويران جهنگ ۾ داخل ٿيون مان به انهن جي پويان داخل ٿيس. ڇا ٿو ڏسان ته اتي ڪجهه وڏي عمر جا ماڻهو ويٺا آهن، انهن مون کان پڇيو اي ابن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُ!

توهان هتي ڪيئن اچي ويا؟ مون جواب ڏيڻ بدران انهن کان سوال ڪيو: ”توهان ماڻهو ڪير آهيو؟“ انهن جواب ڏنو ”اسان جنّات آهيون“ مون ڏٺو مون ڪجهه عورتن کي بيت الله شريف جو طواف ڪندي ڏٺو ته انهن مون کي تعجب ۾ وجهي ڇڏيو يعني اهي مونکي انسان کان علاوه ڪا ٻي مخلوق معلوم ٿيون ته پوءِ مان انهن جي پويان هلي پيس ايستائين جو هن هنڌ پهچي ويس. انهن چيو: ”هي اسان جون عورتون (يعني جنات مان) هيون، اي ابن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ! توهان ڇا پسند ڪندؤ؟ مون چيو پڪل تازيون کارڪون کائڻ لاءِ دل چاهي ٿي“ حالانڪ ان وقت مڪي پاڪ ۾ تازا پڪل کارڪن جو ڪٿي نالو نشان نه هو پر هو مون وٽ پڪل تازيون کارڪون کڻي آيا. جڏهن مان کائي چڪس ته انهن مون کي چيو: ”جيڪي باقي بچل آهن انهن کي پاڻ سان گڏ کڻي وڃو“

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا فرمائن ٿا مون اهي بچل کارڪون کڻيون ۽ واپس گهر آيس. (لقط المرجان في احكام الجان ص 247)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُمَا جو شمار وڏن بهادر ۽ طاقتور صحابهِ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم مان ٿئي ٿو، جيئن ته هاڻي توهان جنات سان ملاقات وارو واقعو پڙهيو ته پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ انهن جنن کان بلڪل به نه ڊنا. اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ هڪ اهڙي بادشاهه کي قتل ڪيو جنهن جو گمان هي هو ته هو پنهنجي زماني جو سڀ کان وڏو بهادر آهي. (دين و دُنيا کی آنوکھی باتيں، 499/1)

## هو شينهن آهن

حضرت ابن اَبي مُلَيۡڪ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا: حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا لاڳيتو ست ڏينهن تائين روزا رکندا هئا، ان جي باوجود ستين ڏينهن هو اسان کان وڌيڪ طاقتور هوندا ها ڄڻ ته هو شينهن آهن.

(اخبارِ مکہ للفاکہی، 364/2، رقم: 1665)

## 100 زبانن ۾ گفتگو

حضرت عمر بن قيس رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ کان روايت آهي ته حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا جا 100 غلام هئا. هر غلام مختلف زبان ۾ ڳالهائيندو هو ۽ پاڻ به ان سان انهيءَ زبان ۾ گفتگو فرمائيندا هئا.

(مستدرک علي الصحيحين، 711/4 حديث: 6391)

## حج جو خطبو

محمد بن عبد الله رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ بيان ڪن ٿا ته: حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا حج جي موقعي تي خطبو ارشاد فرمايو، مان به اُن خطبي ۾ موجود هيس. پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ 8 ذوالحج کان هڪ ڏينهن پهريان احرام جي حالت ۾ اسان وٽ تشريف وٺي آيا ۽ ايتري خوبصورت آواز ۾ تلبِيَہ (يعني لَبَّيۡكَ ؕ اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ ؕ لَبَّيۡكَ لَا شَرِيۡكَ لَكَ لَبَّيۡكَ ؕ اِنَّ الۡحَمۡدَ وَ النِّعۡمَةَ لَكَ وَ الۡمُلۡكَ ؕ لَا شَرِيۡكَ لَكَ) پڙهيو جو مون ان کان پهريان هن جهڙو تلبِيَہ ڪڏهن به نه ٻڌو هو. پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ الله پاڪ جي حمد ۽ ثنا (يعني تعريف) بيان ڪئي ۽ فرمايائون: ”بيشڪ توهان مختلف مقامن کان وفدن (Groups) جي حالت ۾ بيتُ الله ڏانهن آيا آهيو، الله پاڪ جي ذمي ڪرم تي آهي ته هو پنهنجن وفدن جو اِڪرام ڪري. لِهٰذا جيڪو الله پاڪ کان خير ۽ ڀلائي طلب ڪرڻ آيو آهي ته هو جاٽي وٺي ته الله پاڪ جو طالب نامراد

ناهي موٽندو. توهان پنهنجن قولن (ڳالهين) جي فعلن (ڪمن) سان تصديق ڪيو ڇو ته قول جو اصل سرچشمو فعل ۾ نيت آهي، دل جي نيت ئي حقيقت آهي (يعني توهان جيڪو چئو ٿا ان تي عمل پڻ ڪيو ڇو ته عمل ۾ نيت ئي اصل شيءِ آهن). توهان انهن ڏينهن (يعني حج جي ڏينهن) ۾ الله پاڪ جو خوب ذڪر ڪيو ڇو ته انهن ڏينهن ۾ گناهه بخشيا ويندا آهن. توهان مختلف مقامن کان آيا آهيو ۽ توهان جي اچڻ جو مقصد تجارت (Business) ڪرڻ، مال ڪمائڻ يا دنيا حاصل ڪرڻ ناهي.“ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ تَلبِيَہ پڙهيو ته ماڻهن به پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ سان گڏجي تَلبِيَہ پڙهيو ۽ مون حضرت عبد الله بن زبير رَضِیَ اللہُ عَنۡہُمَا کي ان ڏينهن کان وڌيڪ ڪنهن ڏينهن به روئندي ڪو نه ڏٺو.

(مجمع الزوائد 555/3 حديث: 5535)

يا الٰہی حج کروں تیری رِضا کے واسطے　　کر قبول اِس کو محمد مصطفٰے کے واسطے

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب!　　صَلَّی اللہُ عَلٰی مُحَمَّد

## ڪعبي شريف تي ريشمي غلاف

خانهِ ڪعبہ جي مٿان سڀ کان پهريان پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ تعظيم طور ريشمي غلاف چاڙهيو، اهڙي طرح پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ ڪعبي شريف کي ايتري قدر خوشبو لڳائيندا هئا جو ڪعبي جي اوسي پاسي خوشبو ڦهلجي ويندي هئي. (سير اعلام النبلاء، 467/4)

(خانہ ڪعبہ يا ڪعبي جي غلاف جي مٿان اڄ به ڪافي تعداد ۾ ماڻهو خوشبو لڳائيندا آهن، لهٰذا احرام جي حالت ۾ خانہ ڪعبہ يا غلافِ خانہ ڪعبہ کي هٿ لائڻ کان احتياط ڪيو، وڌيڪ حج ۽ عمري جا مسئلا

جاڻڻ جي لاءِ امير اهلسنت دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي ڪتاب رفيق المعتمرين ۽ رفيق الحرمين ضرور پڙهو.)

## تَرندي طواف مڪمل ڪيو

حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا الله پاڪ کي راضي ڪرڻ لاءِ عبادت جو ڪو بہ موقعو هٿان وڃڻ ڪو نہ ڏيندا هئا ايستائين جو پيا ماڻهو عاجز اچي ويندا هئا، جيئن تہ هڪ ڀيري مڪي پاڪ ۾ ڪارا ڪڪر ڇانئجي ويا ۽ خوب مينهن وسيو، جبلن مان برساتي وهڪرو وهي اچي بيت الله شريف جي چوڌاري جمع ٿي ويو، جنهن جي ڪري ماڻهن جو هلڻ، ڦرڻ ۽ طواف ڪرڻ مشڪل ٿي ويو. ان وقت پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ ترڻ شروع ڪيو ۽ ترندي پنهنجو طواف مڪمل ڪيو.

(موسوعہ ابنِ ابی الدنیا، 423/8)

دیدے طوافِ خانہ کعبہ کا پھر شَرَف  فرما یہ پورا مُدَّعا یا ربِّ مصطفٰے

## حديثِ پاڪ جي روايت

حضرت عباس بن سهل بن سعد انصاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا تہ مون ٻڌو تہ حضرت عبدالله بن زبير رَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا مڪي پاڪ جي منبر شريف تي خطبو ڏيندي فرمايو: اي انسانو! بيشڪ حضور پرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: ”جيڪڏهن انسان وٽ هڪ سوني جي وادي هجي تہ ٻي واديءَ جي تمنا ڪندو جيڪڏهن ٻي ملي وڃي تہ ٽئين وادي جو طلبگار ٿيندو ۽ انسان جو پيٽ (قبر جي) مٽي کان علاوه ٻئي ڪا بہ شيءِ ڀري نٿي سگهي ۽ جيڪو توبہ ڪري ٿو الله پاڪ ان جي توبہ قبول فرمائيندو آهي. (بخاري، 229/4، حديث: 6438 )

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! دنيا جو مال سراسر وبال آهي، مالدار ماڻهو دنيا ۾ بہ هر قسم جي مصيبتن ۾ مبتلا رهندا آهن، ڪڏهن دشمن جو خطرو تہ ڪڏهن جان وڃڻ جو ڊپ، ڪڏهن ٻار ٻچن جي اِغوا جو خوف تہ ڪڏهن ٽيڪسز جا ڪيس، مال جي ڪثرت جي طلب جي بدران چڱن عملن جي ڪثرت ٿي وڃي تہ ڇا ڳالهہ آهي، ڇوتہ قبر ۾ صرف نيڪ عمل ئي ڪم ايندا باقي بينڪ بيلنس، سون چاندي جا زيور، ڪاروبار، نيون گاڏيون، بهترين لباس وغيره سڀ هتي رهجي ويندا. ڪاش! مال سان دل لڳائڻ جي بدران ربِّ ذو الجلال جي ياد دل ۾ ويهي وڃي تہ پوءِ اِن شاءَ اللّٰہُ الڪريم پنهنجو ٻيڙو ئي پار آهي.

تاج و تخت و حکومت مت دے — کثرتِ مال و دولت مت دے
اپنی رِضا کا دیدے مژدہ — یا اللہ مری جھولی بھر دے

(وسائلِ بخشش،ص123)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## حديث پاڪ بيان ڪندي خوف

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا سندن والدِ محترم حضرت زبير بن عوام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کي عرض ڪيو: بابا سائين! مان توهان کي اهڙي طرح ڪثرت سان حديثون بيان ڪندي نٿو ڏسان جهڙي ريت ٻيا صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمۡ بيان ڪندا آهن. حضرت زبير بن عوام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جن فرمايو تہ مان ڪڏهن ڪنهن بہ موقعي تي حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان جدا تہ نہ ٿيس پر مون حضور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي هي فرمائيندي ٻڌو تہ جيڪو منهنجي مٿان ڪوڙ هڻي اهو جهنم ۾ پنهنجو ٺڪاڻو بڻائي ڇڏي. (بخاری، 57/1، حديث: 107، منتخب حديثيں، ص111)

شيخ الحديث حضرت علامہ عبدالمصطفي اعظمي رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا تہ: حضرت زبير بن عوام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جو مطلب هي هو تہ مان ان وعيد جي خوف کان حديثن کي بيان ڪرڻ ۾ احتياط ڪندو آهيان ۽ صرف انهن حديثن کي بيان ڪندو آهيان، جيڪي مونکي سٺي نموني ياد آهن ۽ جن جي باري ۾ پوري اعتماد ۽ يقين سان ڄاڻندو آهيان تہ هي فرمانِ رسول آهي. باقي ٻيا صحابۂ ڪرام جيڪي مون کان وڌيڪ حديثون بيان ڪن ٿا، ڇاڪاڻ انهن کي مون کان وڌيڪ حديثون ياد آهن، انهيءَ جي ڪري هو مون کان وڌيڪ حديثون بيان ڪن ٿا. (منتخب حديثين، ص111)

## شهادت جو واقعو

حضرت عبدالله بن زبير رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا سچ ڳالهائيندڙ، حق جي خاطر وڙهندڙ ۽ بي مثال تلوار هلائيندڙ هئا، اُن ڪري يزيد پليت ڄڏهن پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان بيعت وٺڻ چاهي تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ اُن جي خط کي اڇلائي ڇڏيو ۽ فرمايائون تہ مان ناحق مطالبي کي پورو ڪرڻ لاءِ ذري برابر بہ نرمي اختيار ڪو نہ ڪندس. 64 هجري ۾ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ خلافت جو اعلان فرمايو، 73 هجري ۾ عبد الملڪ بن مروان اقتدار سنڀالي ڪري پنهنجي بيعت جو اعلان ڪيو ۽ بنو اميہ جي هڪ ظالم گورنر حجّاج بن يوسف کي هڪ لشڪر جو امير مقرر ڪري مڪي پاڪ ڏانهن موڪليو. بدبخت حجاج ”ابو قُبيس“ جبل جي مٿان چڙهي ڪري منجنيق (پٿر اڇلائڻ واري مشين) جي ذريعي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ ۽ سندن ساٿين مٿان پٿر وسايا. همت ۽ قوت واري صحابي رسول رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جمي ڪري خوب مقابلو ڪيو. هڪ پٿر پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي

متي تي اچي لڳو تہ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ زمين تي تشريف وٺي آيا. دشمن اڳتي وڌي پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کي نهايت بيدردي سان شهيد ڪري ڇڏيو.
(حلية الاولياء، 1/407-408 رقم: 1170)

## صابره ۽ شاڪره ماءُ

جنّتي صحابيہ حضرت بيبي اسماء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهَا فرمائڻ ٿيون تہ: مون پياري مصطفٰي صَلَّى اللّٰہُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ارشاد فرمائيندي ٻڌو تہ ”بيشڪ ثقيف قبيلي ۾ هڪ تمام وڏو ظالم ٿيندو. (معجم کبير 100/24، حديث: 271، مستدرڪ علي الصحيحين، 716/4، حديث: 6397)

امام شرف الدين نووي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه لکن ٿا تہ: علماءِ ڪرام رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْهِم جو هن ڳالهہ تي اجماع (يعني اتفاق) آهي تہ حديثِ مبارڪ ۾ ظالم مان مراد حجاج بن يوسف آهي. (شرح صحيح مسلم للنووي، 100/8، جزء: 16)

صابره ۽ شاڪره ماءُ کي جڏهن پنهنجي شهزادي جي شهادت جي خبر ملي تہ اللّٰہ پاڪ جي رضا تي راضي رهندي فرمايائون: مان چاهيان ٿي تہ مون کي ان وقت تائين موت نہ اچي جيستائين منهنجي شهزادي عبد اللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کي منهنجي حوالي نہ ڪيو وڃي، ان کي غسل ڏنو وڃي، خوشبو لڳائي ڪري ڪفن پهرايو وڃي ۽ پوءِ دفن ڪيو وڃي. ڪجهہ ئي دير ڪانپوءِ عبد الملڪ جو خط آيو تہ حضرت عبد اللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ جي مبارڪ ميت کي سندن گهر وارن جي حوالي ڪيو وڃي. انهن کي حضرت بيبي اسماء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهَا وٽ آندو ويو پوءِ غسل ڏيئي ڪري پاڪ ۽ صاف ڪري خوشبو لڳائي دفن ڪيو ويو. (مصنّف ابن ابي شيبه، 122/16، حديث: 31318)

حضرت ايوب رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه بيان ڪن ٿا: منهنجو خيال آهي تہ حضرت عبد اللّٰہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهُ کي دفنائڻ ڪان پوءِ حضرت اسماء رَضِیَ اللّٰہُ عَنْهَا صرف ٽي

ڏينهن زنده رهيون. (حلية الاولياء 68/2 حديث:1503) هڪ قول جي مطابق مڪي پاڪ جي قبرستان ۾ ماءُ ۽ پٽ ٻنهي جون قبرون هڪ ٻئي جي برابر ۾ ٻڌايل آهن. (جنتي زيور ص 528). الله پاڪ جي انهن تي رحمت هجي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّين صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم

صَحابہ کا گدا ہوں اور اہلِ بیت کا خادِم　　یہ سب ہے آپ ہی کی تو عنایت یارسول اللہ
(وسائلِ بخشش، 330)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! 　　صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو "فڪرِ مدينه" جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** "مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي" إِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ "مدني انعامات" تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ "**مدني قافلن**" ۾ سفر ڪرڻو آهي. إِنْ شَآءَ اللّٰه عزوجل

   


عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net